# س.ا.س سٽيِ سڪرڊاٽ ڪام

# آزادي

ابوالڪلام ’آزاد‘

## دجيٽل پبلشر

## سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽي

## (دجيٽل ڪتاب) پبلشر

www.sascitysukkur.com

# آزادي

## [ قرطاجيا جي فتح ]

### مولانا ابوالڪلام ’آزاد‘

### نور محمد سنڌي (مترجم)

www.sascitysukkur.com

# ٻه لفظ

## محترم دوستو......!

السلام عليڪم

اداري، سنڌي ادبي سنگت شاخ سکر سٽيءَ طرفان اوهان جي لاءِ سائين شاهنواز سومري صاحب جن جي مهربانيءَ سان جڳ مشهور عالم، بزرگ ۽ ڏاهي، ”ابوالڪلام ’آزاد‘“ جو ڪتاب ”آزادي“ پيش ڪري رهيا آهيون.

ادارو سائين شاهنواز سومري صاحب جن جو ٿورائتو آهي، جن مهرباني ڪري هن ڪتاب کي ڪمپوز ڪري، پبلش ڪرڻ جي لاءِ سنڌ ويب ڏانهن موڪليو.

محترم دوستو!. اسان اُميد ٿا ڪريون ته اوهان پنهنجي راءِ کي پاڻ تائين محدود نه ڪندا، ڇا ڪاڻ ته اوهان جي اها راءِ ئي اسان جي جياپي جو ڪارڻ آ. وڌيڪ بهتري آڻن لاءِ ضرور راءِ ڏيندا .

ساٿ سلامت

مهرباني



اوهان جي مشوري جو منتظر
عبداللطيف انصاري
شمس آباد سکر سنڌ
فون: 0333.7146119
اي ميل : abdullateefansari@yahoo.com

# پيش لفظ

سنڌي ماڻهن ۾ سياسي، سماجي جاڳرتا آڻڻ لاءِ ڪي ڪي مٿي ڦريا مرد لڳا پيا آهن. انهن ويچارن کي ان ڳالھ تي ايمان آهي ته هو جنهن قوم جا فرد آهن، انهيءَ قوم کي جداگانه حيثيت آهي، پنهنجي ان ’قومي وجود‘ ۽ پنهنجي قومي حيثيت مڃرائڻ لاءِ، جدوجهد پيا ڪن.

اسان کي پنهنجو ’وطن‘ آهي، ان کي جداگانه حيثيت آهي، تهذيب ۽ ثقافت آهي. ان جي حفاظت لاءِ ويچارا ڏينهن رات جدوجهد ۽ محنت پيا ڪن. هڪ ڳالھ جيڪا کين پريشان ۽ سوچڻ تي مجبور پئي ڪري، اها هيءَ ته سنڌي ماڻهو، سندن ڳالهين کي ٻڌڻ لاءِ به تيار ڪونهن. نه معلوم سنڌي ماڻهن ۾ اهي حالتون پيدا ڪرڻ ۾ ڪهڙين ڳالهين جو دخل آهي.

سنڌ جي شاندار ماضيءَ جي تاريخ ۾ سنڌي ماڻهن جي جدوجهد، پنهنجي وطن جي بچاءَ لاءِ ادا ڪيل ڪردار ۽ ڏنل قربانين، سنڌي ماڻهن جون پنهنجي وطن جي عظمت برقرار رکڻ لاءِ انهن جون لافاني ڪوششون ڏسي، منهنجو من ان سنڌ ۽ سنڌ جي انهن ماڻهن جي ڳولا تو ڪري، جيڪا سنڌ ۽ جيڪي سنڌي ماڻهو تاريخ جي ڪتابن ۾ لکيل آهن. نه معلوم اها ’سنڌ‘ ۽ اهي ’سنڌي ماڻهو‘ ڪٿي ٿا رهن؟

’سنڌ‘ تباھ ۽ برباد ٿيندي پئي وڃي، سنڌي ماڻهو سست ۽ ڪاهل ٿيندا پيا وڃن، معاش جي ذريعن تي ” ياجوج ماجوج “ قابض ٿيندا پيا وڃن. سڄي ڌرتيءَ تي والار ٿيندي پيئي وڃي. اسان سڀني ماڻهن کي سنڌي ماڻهن ۾ ان ڳالھ جو احساس جاڳائڻو آهي. ٻين ’قومن‘ ۽ پنهنجي قوم جون ڪهاڻيون ٻڌائيون آهن، من ’سنڌ‘ ۽ ’سنڌي قوم‘ جاڳي پوي.

پنهنجي حجت آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ پنهنجو نظام رهي،
ڌارين جي ڪا ڌاڪ نه گهرجي، سنڌ نه ڪنهنجي غلام رهي.
’نياز همايوني‘.

هيءُ ڪتاب سيني سنڌي ماڻهن کي پڙهڻ ۽ پڙهائڻ گهرجي، من هيءُ ڪتاب اسان جي ماڻهن ۾ ڪجهه سجاڳي آڻي سگهي.
سعديءَ جو قول آهي ته ” جيڪڏهن ڪمزور ماڪوڙيون پاڻ ۾ متحد ٿين ته شينهن جي کل لاهي سگهن ٿيون. “

## نازسنائي

# آزادي

( قرطاجيا جي فتح )

ان قوم جي قربانين جو ذڪرجنهن جي مان ۽ شان ڪي دنيا جو تاريخون پنهنجي سيني ۾ سانديندديون اچن ۽ جنهن بابت مشهور آهي ته ان قوم غلام قومن کي آزادي ۽ عزت جي راهه ڏيکاري.

” اي قومپرست دوستو! پڙهو ۽ عبرت حاصل ڪريو. “

آ مرڻو هر ڪنهن ماڻهوءَ کي،
پر هيئَن نہ مرنداسين ساٿي،
ڪا آڳ لڳائي وينداسين،
ڪو ڀارڻ ڀاري وينداسين.
(اياز)

مولانا ابوالڪلام آزاد، هيءُ مضمون ان وقت لکيو هو جڏهن سلطنت عثمانيہ پنهنجي مقدس سرزمين جو چپو چپو، پهرين عالمي جنگ جي وقت، دشمن جي دخل اندازيءَ کان بچائڻ لاءِ جنگ وڙهي رهي هئي. ان وقت ڪنهن هنڌ ترڪي فوج هڪ قلعي ۾ بند ٿي ويئي ۽ دشمن جو دٻاءُ وڌڻ لڳو هو. ڏسڻ ۾ ايئن ٿي آيو ته قلعو هٿن مان نڪري ويندو. مولانا مرحوم جو هيءُ مضمون جيئن ئي ترڪيءَ پهتو ته هڪدم ان جو ترڪي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي، قلعہ بند فوجن ۽ عوام ۾ ورهايو ويو. هن مضمون جي پڙهڻ سان انهن ۾ ايترو ته حوصلو ۽ جوش وڌيو جو اهو قلعو، جيڪو فقط ڪجهه ڏينهن جو مهمان ٿي نظر آيو، ڪافي ڏينهن نہ فقط قائم ۽ دائم رهيو، پر ان وسيلي ملڪ جو بچاءُ بہ ٿيو هو. آءُ اهو وطن پرستن جي يادگيريءَ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ عرض رکان ٿو.

( مترجم)

******************

حضرت عيسىٰ جي پيدائش کان ٢۴٠٠ سال اڳ شام ملڪ جي اولهه طرف سمنڊ جي ڪناري واري علائقي تي هڪ نئين ايشيائي سلطنت جو پايو پيو هو. اها حڪومت بحر ابيض ۽ لبنان جبل واري سرسبز ۽ شاداب علائقي ۾ هئي. اها حڪومت، ڪنعاني نسل جي هڪ جماعت قائم ڪئي هئي، جا تاريخ ۾ ” فيقيا “ جي نالي سان مشهور آهي. فينقين ٿوري ئي عرصي ۾ سمنڊ جي ويجهڙائيءَ جو فائدو وٺڻ شروع ڪيو. پنهنجي بحري طاقت وڌائڻ لاءِ وڏيون جنگي ٻيڙيون ۽ جهاز ٺهرائي، بحر ابيض ۽ وڏي ائٽلانٽڪ سمنڊ جي وڏن ڪنارن ۽ ٻيٽن ۾، پنهنجون نوآباديون قائم ڪري، پنهنجي صنعت، تجارت، تمدن ۽ قديم علمن ۾ ايتري تہ ترقي ڪيائون، جو ان جو اعتراف روم جهڙي عظيم حڪومت کي بہ ڪرڻو پيو. شايد سڌريل قومن جي ان دور ۾ ” فينقي “ قوم ئي هڪ اهڙي قوم ٿي گذري آهي، جا نہ فقط اڄ ڪلهہ جي سڌريل قومن وانگر جنگ ۽ حڪمرانيءَ ۾، بلڪ واپار، علم ۽ هنري طاقت ۾ بہ هڪ وڏي مملڪت هئي. سنہ ١٨٣٠ ق . م ” سور “ جي بادشاهہ، پنهنجي ڀيٽوئي کي، لکن خزانن جي هٿ ڪرڻ جي لالچ ۾ قتل ڪري ڇڏيو. جڏهن سندس ڀيڻ نالي ” ديدون “ اها حالت ڏٺي، تنهن ڊپ کان مجبور ٿي؛ سون، هيرن ۽ جواهرن جو هڪ وڏي کان وڏو خزانو، جيترو قدر کائنس ڪڇي سگهيو، ڪنيو ۽ پنهنجي وفادار جماعت جو هڪ وڏو گروهہ ساڻ ڪري ”سور “ مان نڪري ويئي. اها وڏي جماعت آفريڪي ملڪن جي سمنڊن جي ڪنارن جو دورو ڪندي ڪندي، ان هنڌ اچي پهتي جيڪو صقيلہ (سسلي) ٻيٽ جي سامهون هو. ديدون کي هي هنڌ ڏاڍو پسند آيو، تنهنڪري زمين جو هڪ وڏو ٽڪرو قيمت ڏيئي خريد ڪيائين ۽ هڪ شهر جو بنياد رکيائين ۽ شهر تيار ٿيڻ لڳو. پنهنجن ساٿين کان سواءِ ” سور “ ۽ ” صيدا “ مان بہ ڪيترائي ماڻهو گهرائي انهن کي بہ آباد ڪيائين. بهرحال سن ١٨٢٠ ق . م. ۾ اهو نئون شهر ٺهي راس ٿيو ۽ ” ڪارٿيج

" معنيٰ " نئون شهر " جي نالي سان مشهور ٿيو ۽ عربي اُچار سان " قرطاجنه " يا " قرطاجيا " وانگر زبان تي اچڻ لڳو. ڪجهه عرصي بعد جڏهن هن شهر جي شهرت وڌي، ته بادشاهه "گريس" (يونان) جيڪو اڳ ئي آفريڪي ملڪن جي ڪنارن تي قابض هو، هن نئين شهر تي به قبضو ڪري ورتو، شهر تي قبضو ڪرڻ ڪانپوءِ هن ديدون کي مجبور ڪيو ته هوءَ ساڻس نڪاح ڪري. لاچار ديدون ساڻس نڪاح ڪيو، پر پنهنجي پهرين مڙس جو سوڳ، جنهنجو هوءَ عهد ڪري چڪي هئي، تنهن تي هوءَ قائم رهي ۽ عهد نه ٽوڙيائين. نڪاح ڪانپوءِ " گريس " کيس ڏاڍو مجبور ڪندو هو. آخر هڪ رات گريس هن جي خواب گاهه ۾ اچڻ لاءِ ڏاڍو ضد ڪري بيٺو، هن پي ڪا واهه نه ڏسي، پنهنجي ڪپڙن کي ڪٽي باهه ڏني ۽ پڻ ڪلاڪن اندر سڙي خاڪ جو ڍير ٿي ويئي. ديدون جي مرڻ ڪانپوءِ هن شهر ۾ هڪ ملڪي حڪومت قائم ٿي ويئي. اصل کان وٺي سمندن جا ڪنارا، انساني آباديءَ لاءِ صنعت، تجارت ۽ واپار ۾ ڏاڍا مددگار ثابت ٿيا آهن. خوش قسمتيءَ سان هن نئين آباديءَ کي به هڪ وسيع ساموندي ڪناري جو علائقو ميسر هو. ٿنهنڪري ٿوري ئي عرصي ۾، هتان جا واپاري پري پري ڏارين ملڪن ۾ واپار خاطر چوڌاري پکڙجي ويا، تنهنڪري هنر ۽ واپار سبب هي شهر سرسبز ۽ شاهوڪار بڻجي ويو. هي شهر پنهنجي شروعاتي دور ۾ ئي بحر ابيض جو وڏو بندرگاهه مجيو ويو هو. آهستي آهستي وڌندي وڌندي قرطاجيا هڪ وڏي جمهوري ملڪ جي صورت اختيار ڪئي. آفريڪا جا سڀ ڪناري وارا بندر ۽ ٻيٽ هن حڪومت جي تابع ٿي ويا. مراڪش جو ڪنارو، تيونس، الجزائر جيڪو هِن زماني ۾ به جنگي بچاءَ جو وڏو مورچو آهي، ۽ آفريڪا جا اڪثر شهر حڪومت قرطاجيا جي زيرِ فرمان هئا. صقيله (سسلي) ٻيٽ ان وقت روم جي حڪومت جي زيرِ فرمان هو. حڪومت قرطاجيا ان وقت فتح جي نشي ۾ مست هئي، تنهنڪري ان ڏانهن به وڌي، چاڪاڻ جو صقيله ٻيٽ حڪومت قرطاجيا جي بلڪل ويجهو هيو، ۽ واپار خواهه موسم جي لحاظ کان به بلڪل مشهور هو. ان لالچ واري قدم حڪومت قرطاجيا ۽ حڪومت روم وچ ۾ جنگ ۽ قتل جو

بنياد وڌو. قرطاجيا وارا بحري طاقت ۾ بلڪل زور هئا, تنهنڪري جڏهن رومي حڪومت هڪ وڏو جنگي جهازن جو آرماڙ سندن مقابلي ڪرڻ لاءِ موڪليو, ته حڪومت قرطاجيا وارن جنگي جهازن, نه فقط بحرابيض ۾ ان کي زبردست شڪست ڏني, بلڪ انهن جي ڪجهه ساموندي پيٽن تي به قبضو ڪري ڇڏيو! ان بعد وري هڪ لشڪر جرار روم کان قرطاجيا روانو ڪيو ويو, مگر هن دفعي به رومين کي شڪست ملي, سندن سپهه سالار کي قيد ڪيو ويو. ان بعد به ڪيئي جنگيون ٿينديون رهيون, ۽ سمنڊن ۾ به خون خرابو ٿيندو رهيو. هي زمانو رومي حڪومت جي اوج وارو زمانو هو. قرطاجيا وارن وٽ ايترو گهڻو جنگي سامان يا ايتري گهڻي فوج به ڪونه هئي. تڏهن به, هڪ وڏي عرصي تائين جنگ جاري رکيائون. آخرڪار سنه ١٢٤٢ ق . م. ۾ حڪومت قرطاجيا کي شڪست جو اعتراف ڪرڻو ئي پيو, ۽ هڪ چڱي چوکي رقم خراج طور حڪومت روم کي ڏيڻ منظور ڪئي.

” قومي شرف ۽ عزت “ هڪ ڏاڍو نازڪ موتي آهي. غلاميءَ واري هوا جو هڪ معمولي جهوٽو به ان کي داغ لڳائي سگهي ٿو. ڪنهن قوم جي خودمختياري ۽ آزاديءَ جي شرف کي, جي ٿورو به غلاميءَ جو داغ لڳي ويو, ۽ ان قوم جيڪڏهن جلد ان داغ کي نه ڌوتو, ته پوءِ چاهي جو ان جا هٿ پير ڪيترو به آزاد ڇونه هجن, ۽ ان جا خزانا ڪيترو به هيرن جواهرن سان ڇونه پُر هجن, ته به ان جي هن دنيا جي تختي تي عزت قائم نه رهندي! چاڪاڻ ته سندس شرف جو موتي داغدار ٿي پيو. هي هڪ انسانيت جي عزت جو تاج آهي, جنهن کي اهي قومون ڏسي ۽ سمجهي نه ٿيون سگهن, جن پنهنجي عزت وارو خواب ئي وساري ڇڏيو هجي.“ قرطاجيا وارن جيتوڻيڪ جو رومي شهنشاهيت جو ڪوبه حصو قبول ڪونه ڪيو هو, ۽ هر هنڌ استقلال ۽ استقامت سان مقابلو ڪيو هئائون, ۽ صدين تائين جنگ جاري رکي هئائون, شڪستون به کاڌيون هئائون, ۽ حڪومت روم کي شڪستون به ڏنيون هئائون, پر تنهن هوندي به رومي حڪومت جي اقتدار جو اعتراف, خراج ڏيئي ڪيو ويو هو. اهو حريت ۽ عزت جي موتيءَ

تي داغ لاءِ گهٽو ئي ڪجهه هو. جيتوڻيڪ رومين جي غلاميءِ ڪاٻه محڪومي ڪانه هئي ۽ سندن ملڪ خودمختيار هو، تہ بہ عزت ۽ آزادي وڃائڻ وڃائجي چڪي هئي. ملڪي شرف ۽ غيرن جو اقتدار بہ ڀلا هڪ گهر ۾ گڏ رهي سگهن ٿا؟ قرطاجيا وارا رومين کي ڏسي محسوس ڪندا هئا تہ سندن عزت کي داغ لڳي چڪو آهي، توڙي جو پيرن ۾ زنجير ڪونهن.

” مگر افسوس آهي جو اڄ بہ اجا اهڙيون قومون آباد آهن، جن جي پيرن ۾ ڳرا زنجير ۽ ڳچيءَ ۾ اطاعت جا طوق آهن، پر انهن جو قومي ۽ ملي حس مري چڪو آهي.“ ۽ قومي شرف جي قدر کان اصل يڪسر خالي آهن! اهي غيرن جي غلامي ڪرڻ ۾ اصل ڏاڍا خوش آهن، توڙي جو سندن خدا بہ اهو پسند نٿو ڪري تہ هو پنهنجو فطري حق وساري غيرن جي غلامي ڪن، چاڪاڻ تہ ” **خداتعاليٰ** انسان کي پنهنجي غلاميءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي، نہ تہ ڪنهن ٻئي انسان جي غلاميءَ لاءِ! “ قرطاجيا وارن جو ڪجھ وقت ائين گذري ويو. هو رومي حڪومت کان سخت نفرت ڪندا هئا، پر ڇهه سو سالن جي مسلسل جنگين کين ساڻو ڪري ڇڏيو هو، ۽ سندن همتون پست ٿي چڪيون هيون، تنهنڪري رومي حڪومت سان مقابلي ڪرڻ جو پاڻ ۾ ست ساري نٿي سگهيا. آخر سن ١٢٣٨ ق . م. ۾ عصر قديم جو مشهور ترين، تاريخ جنگ جو بطل عظيم ” هني بال “ جو قرطاجيا ۾ ظهور ٿيو. رومي حڪومت پنهنجي عروج واري زماني ۾ عظمت، جبرت، هيبت، جلال، جبر ۽ تسلط ۾، موجوده هن زماني جي عظيم انسان دشمن ماڪڙ وانگر هئي. ان جون نو آباديون، دريائن ۽ خشڪين ۾ چؤطرف پکڙيل هيون، وڏين وڏين قومن کي هنن محڪومي ۽ غلاميءَ لاءِ مجبور ڪري ڇڏيو هو. پر جي اهي قومون اٿيون بہ ٿي، تہ بہ هنن کي سواءِ هلاڪت ۽ بربادي‌ءَ جي ٻيو ڪجهه بہ نصيب نٿي ٿي سگهيو. ورلي ڪنهن قوم يا فرد، پنهنجي قوم جي آزاديءَ لاءِ اهڙي ثابت قدميءَ سان پاڻ پتوڙيو هوندو جهڙو هن عظيمِ نامور شخص هني بال ڪيو. اسان رومين جي خصوصيت کان نٿا چئون، بلڪ سچ تہ هي آهي جو قرطاجيا وارن جي دفاع واري تاريخ دنيا جي

سيني جنگي تاريخن کان، پنهنجي موثر خاصيتن جي لحاظ کان تمام ممتاز آهي.

” هني بال “ جي تفصيلي حالتن ڏيڻ جو ضرور ڪونهي، نه وري ڪو موقعو آهي. بس فقط اهو ٻڌايون ته هن پنهنجي قوم کي رومين جي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جو عهد ڪيو. ” هن پنهنجي قوم جي ولولي ۽ حريت جي وِسايل باهه کي وري دکايو.“ رومي پنهنجي حڪومت جي عظمت جي گهمنڊ ۾ هئا، گڏوگڏ پنهنجي اندروني گهرو تنازعن سبب بي خبر به هئا ته اوچتو ” هني بال “ هڪ وڏو لشڪر تيار ڪري قرطاجيا مان نڪتو ۽ فتح ۽ نصرت حاصل ڪري چئني طرف چانئجي ويو. رومين وڏيون وڏيون فوجون سندس مقابلي لاءِ موڪليون، پر هن عظيم طوفان آڏو سٽ نه جهلي سگهيون. حڪومت قرطاجيا جو هي عظيم فرزند شهرن جا شهر فتح ڪندو يورپ جي سرحد پار ڪري ويو، ايتري تائين جو آخر آلپس جبلن ۾ وڃي ديرا ڄمايائين، ان ئي ارادي سان ته اصل حڪومت روم جو گهيرو ڪيو وڃي، جيڪو فتح ٿيڻ جي ويجهو هو. اهو گهيرو تواريخن ۾ سن ١٢١٨ ق. م. جو وڏي کان وڏو گهيرو سمجهيو ويندو آهي. آخر ۾ ٽي سال رومين وڏين کان وڏيون جنگيون لڙيون، پر هر جنگ ۾ کين نهايت ذلت ۽ بربادي‌ءَ واري شڪست نصيب ٿي. آخر هڪ خاص ” ڪاڻ “ واري جنگ ۾ ته ٧٠ هزار رومي، هني بال جي فوج هٿان مارجي ويا. ان جنگ ته سڄي روم ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو. ماڻهو هني بال جي نالي کان ئي ڏڄڻ لڳا. مائرون پنهنجن ٻارن کي هني بال جي نالي سان ڊيڄارڻ لڳيون. اها هڪ وڏي کان وڏي قدرت جي عنايت هئي، جا قرطاجيا وارن کي عطا ڪئي ويئي هئي ته جيئن آزادي حاصل ڪري پنهنجي حالت سڌارين. هر قوم کي قدرت طرفان، توفيق بخشڻ ۽ پاڻ سنڀالڻ ۽ زنده رهڻ لاءِ هميشه اها مهلت ڏني ويندي آهي. پر افسوس جو قرطاجيا وارن ان جو قدر نه ڪيو ۽ هني بال جي ڪاميابين ۽ فتحن تي مغرور ٿي ويا، ۽ پنهنجي طاقت ۽ دشمن جي ڪمزوريءَ جي يقين، هنن کي لاپرواهه ۽ سرشار ڪري ڇڏيو، ۽ هو آخري فتح جو نشو نه جلي سگهيا. قومن جي عروج ۽ اقبال جو اهو دور هميشه

دنيا ۾ هڪ جهڙو رهيو آهي ۽ هڪ جهڙا نتيجا پيدا ڪندو آهي، ڏکي عرصي جي غفلت کان پوءِ قومن ۾ جوش ۽ ولولو ۽ مستعديءَ جو روح پيدا ٿيندو آهي. پر وري آخر ڪاميابيءَ جو گهمنڊ، فتح جو غرور ۽ بي فڪريءَ جا موتمار جيوڙا منجهن پيدا ٿي ويندا آهن ۽ هو دشمن کي حقير سمجهندا آهن، ۽ پنهنجي طاقت تي پروسو ڪري، جوش ۽ مستعدي جي بجاءِ آرام طلب ٿي ويندا آهن ۽ جانفشانيءَ جي بجاءِ عيش ۽ عشرت، فسق ۽ فجور ۾ مبتلا ٿي ويندا آهن، ۽ اها قوم جي زوال جي نشاني هوندي آهي. پر وري قدرت اهڙين قومن کي تنبيهه ڪندي آهي، ۽ وري بيداريءَ جون صدائون بلند ٿيڻ لڳنديون آهن. خوش قسمت آهن اهي قومون، جي پاڻ سنڀالي وينديون آهن، پر بدبختن لاءِ سواءِ تباهي ۽ ذلت جي ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي. اهو ئي حال قرطاجيا وارن جو ٿيو. پنهنجي فتحيابين تي مغرور ٿي عيش عشرت ۾ لڳي ويا. هوڏانهن رومين جون اڪيون مسلسل شڪستن ۽ بربادين ڪولي ڇڏيون هيون. انهن ڏٺو ته اهو سڀ انهن جي نااتفاقين ۽ دشمن جي متحد طاقت جو نتيجو آهي، ۽ جيڪڏهن ان جو بر وقت علاج نه سوچيو ويو ته پوءِ عجب ڪونهي ته دشمن جو ٻيو حملو ڪٿي خود دارالحڪومت جون ديوارون نه ڊاهي وجهي! عين ان وقت جڏهن ڪاميابين قرطاجيا وارن کي مغرور بڻائي ڇڏيو هو، رومين پاڻ کي سنڀالي ورتو. قومن جي ڪاميابين ۽ ناڪامياين جي تاريخ ۾ اڪثر ائين به ٿيندو آهي، جو ڪڏهن ڪاميابيون ئي ڪاميابين کي ناڪامياب بڻائي ڇڏينديون آهن، ۽ ناڪاميون ئي ناڪامياين کي ڪامياب بڻائي ڇڏينديون آهن! رومين پنهنجي ڇڙوڇڙ طاقت کي گڏ ڪيو، پنهنجا اندروني نزاعي جهيڳڙا وساري، متحد ٿي انتقام وٺڻ لاءِ تيار ٿي ويا. هني بال جي عظمت جو ستارو هاڻي غروب ٿيڻ لڳو هو. هن جي قوم ۽ فوج جي حرارت هاڻي سرد ٿي چڪي هئي. اهڙي وقت ۾ رومي فوجون نڪري پيون ۽ پنهنجا وڃايل علائقا واپس وٺڻ لڳيون. سيني يورپي خواهه آفريقي علائقن تي سندن قبضو ٿي ويو. هني بال پنهنجي قوم کان مايوس ٿي چڪو هو. هن ڪوشش ڪئي ته مخالف طاقتور حڪومتن کان مدد وٺي، وري

هڪ دفعو رومين خلاف جنگ لڙي، نصيب آزمائي ڪري، پر ناڪامياب ٿيو. جڏهن هن ڏٺو ته رومي چوطرف ڦري ويا آهن، ۽ هن جي محنت رائگان وئي آهي ۽ سندس وطن عزيز هڪ دفعو وري غلام ٿي رهيو آهي، ته رهي ڪهي اميد به ڪيس نه رهي، ۽ سخت مايوسيءَ جي حالت ۾ خودڪشي ڪري ڇڏيائين. هاڻي وري بدبخت قرطاجيا رومين جي غلاميءَ ۾ هو، ۽ سندس ڪافي وقت اهڙي حالت ۾ گذري ويو. هني بال جا افسانا ماڻهن جي دلين تان اجا نه وسريا هئا، نه وري ڪو آزاديءَ جا ولولہ هنن ۾ سرد ٿيا هئا. ڪجهه عرصي ڪانپوءِ وري " وطن جي آزاديءَ جون سرگوشيون ٿيڻ لڳيون "، ۽ آهستي آهستي، هنن وري فوجي طاقت ٺاهڻ شروع ڪئي، ۽ جنگي سامان طرف توجہ ڏيڻ لڳا. رومي پهرين وانگر، هاڻي بي خبر نه هئا، هنن ڏٺو ته جيڪڏهن پهرين وانگر هنن کي مهلت ڏني ويئي، ته پوءِ ڪٿي آزاديءَ جي تحريڪ نه شروع ڪري وجهن. قرطاجيا وارن جي جنهن قومي دفاع جو ذڪر ، اسان ڪرڻ گهرون ٿا، تنهن جو ذڪر هن ئي وقت کان شروع ٿئي ٿو.

رومين جو هڪ لشڪر جرار سخت حڪم حاصل ڪري، روم کان نڪتو، ۽ قرطاجيا وارا قلعي بند ٿي ويا. رومين کي پنهنجي اوچتي حملي ۽ هنن جي بيوسيءَ جو پورو حال معلوم هو. هنن پهچڻ شرط حڪم ڏنو ته، بنا ڪنهن چون چران جي شهر حوالي ڪيو وڃي. قلعي بند قوم، هن حڪم جي تعميل نہ ڪري ته بيو ڇا ڪري؟ روم جي فوج جو سپهه سالار ڏاڍي دبدبي سان شهر ۾ داخل ٿيو، حڪم ڏنائين ته" سڀ قسم جا هٿيار سندس حوالي ڪيا وڃن" سيني ماڻهن کان ننڍا وڏا هٿيار ڦريا ويا، ۽ ڪنهن وٽ به ڪو ننڍي کان ننڍو هٿيار نہ رهيو. بدبخت قرطاجيا وارا، هن فيصلي جي نتيجي کان بي خبر هئا، ۽ سمجهيائون ته خير، نجات ته ملي ويئي! پر ان بعد سندن حيرت، تعجب، دهشت ۽ خوف جي انتها نہ رهي، جڏهن ڪين رومي سپهه سالار جو هي خاص حڪم پڙهي ٻڌايو ويو، جنهن ۾ لکيل هو ته، "مان فقط ان لاءِ آيو آهيان ته اوهان کي اوهان جي قسمت جو هي آخري فيصلو ٻڌايان . حڪومت جي ميمبرن جي مجلس

( سينيٽ ) اوهان نسبت هي فيصلو ڪيو آهي، ته توهان ’پنهنجو هيءُ شهر قرطاجيا خالي ڪري، وڃي ڪنهن ٻئي هنڌ ڪليل طرح آباد ٿيو‘ اهو به هن طرح جو ان شهر کي ڪنهن به قسم جي ديوار، شهر پناهه لاءِ نه هجي ۽ اتي ڪنهن به قسم جي اهڙي عمارت يا مورچو، ڪنهن به قسم جي بچاءَ لاءِ نه هجڻ کپي. اوهان جلد هن حڪم جي تعميل ڪرڻ کي لڳي وڃو، جاڪاڻ جو ان بعد موجوده قرطاجيا جو قلعو خواه ٻيون سڀ وڏيون عمارتون ڊاهي زمين دوز ڪيون وينديون.“

هيءُ حڪم غم ۽ اوندهه جي هڪ وِڄ هئي، جا قرطاجيا وارن مٿان ڪري. غم جي شدت سبب هو هوش ۽ حواس وڃائي ويٺا. حيرت سبب مٿن سڪتي جي حالت طاري ٿي ويئي. هر طرف ماتم برپا ٿي ويو. هر ڪو هڪ ٻئي کي ڏسي روئڻ لڳو. رستن تي چرين وانگر ڦيريون پائڻ لڳا. سمجهه ۾ نٿي آين ته، چا ڪن؟ آخر جڏهن مايوس ٿي ويا، ۽ يقين ٿي وين ته، ائين ئي ٿيندو، ۽ ” سندن هزار سالن وارو وطن، هنن کان هميشه لاءِ هليو ويندو “ ته هو پنهنجو پاڻ پنهنجي ڳلن تي چماٽون هڻڻ لڳا، ۽ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙي زمين تي ليٽڻ لڳا. آخر ۾ پنهنجي مندرن ۾ ويا، ۽ پنهنجي خاموش ۽ اڻ چرندڙ بتن جي اڳيان قرطاجيا جي حفاظت ۽ سلامتيءَ جون دعائون گهرڻ لڳا! غم ۽ اندوهه جو نازل ٿيڻ جهڙي طرح همت ٽوڙ ۽ ياس انگيز هوندو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن عزم ۽ شجاعت جي مئل دلين کي جيئرو به ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ مبارڪ آهن اهي قومون، جيڪي مصيبت ۽ مايوسيءَ جي وقت ۾ به نااميديءَ جي بجاءِ همت ۽ عزم کان ڪم وٺنديون آهن! قرطاجيا وارن لاءِ هاڻي حد درجي مايوسي هئي. شهري، هٿيار ۽ بارود ته ڏيئي چڪا هئا. پر ان حد درجي جي مايوسيءَ هڪ دفعو وري منجهن جوش، عزم ۽ ولولو پيدا ڪيو. هنن سوچ ڪئي ته، ” چونه هڪ دفعو وري وطن عزيز جي بربادي‌ءَ کان اڳ، آخري ڀيرو ڪوشش ڪري، قسمت آزمائي ڪجي! يا ته خود برباد ٿي وڃون يا عزت حاصل ڪيون؟ “

هاڻي هي سڀ پنهنجي وڏي ڪان وڏي مندر ۾ گڏ ٿيا، ۽ پنهنجي مقدس بت جي آڏو قسم کڻي عهد ڪيائون ته، ” ڪٿي ڪجهه به ٿي پوي،

جيستائين سندن جسم ۾ ساھ آھي، تيستائين پنھنجو ھزار سالن وارو وطن مسمار ٿيڻ نہ ڏينداسون، جي مرنداسون، تہ بہ اسان جا لاش وطن عزيز جي پٿرن جي پاڙن وٽ تڙپندا نظر ايندا. اسان پنھنجي رت جو آخري ڦڙو بہ وطن تان قربان ڪنداسون.“

رومي فوج جو سپھ سالار اھو حڪم ڏيئي، پنھنجي ڪن پين ڪمن لاءِ اٽيڪا ھليو ويو ھو. جنھن ڪري قرطاجيا وارن کي، ڪجھ چڱي مھلت ملي ويئي ھئي. ھيءَ ھڪ حقيقت آھي تہ ”جيڪڏھن ڪا قوم پنھنجي ملت ۽ پياري وطن خاطر، حفاظت لاءِ تيار ٿي وڃي، ۽ ڪيس پنھنجي غلاميءَ جو سچو احساس ھجي ۽ ھو غلاميءَ جون سڀ عيش عشرتون ڇڏي، ان جي بجاءِ حريت ۽ عزت واري زندگيءَ کي ترجيح ڏئي، تہ پوءِ ڪابہ مشڪلات ھن جي رستي جي رڪاوٽ ڪونہ بڻبي ۽ ڪوبہ ڪم ھن لاءِ مشڪل نہ رھندو.“ اھا ھڪ سچي حقيقت آھي تہ قرطاجيا جي تاريخ، ھڪ عبرت جو سرچشمو ۽ بصيرت آھي. ھڪ جابر ۽ فاتح قوم، پنھنجي مفتوح قوم کان سڀ ھٿيار تہ ڦري سگھي ٿي، پر اھا تہ اڻ ٽيٽي ڳالھ آھي، جو سندن دليون بہ ڦري وٺي! تنھن کان سواءِ قومي حياتي، رڳو بارود ۽ تمام چمڪندڙ ھٿيارن جو تہ نالو نہ آھي؟ نہ وري ڪو اھا بارود جي دم سان آھي. اصل شيءِ تہ دل آھي. قرطاجيا وارا جڏھن آخري دفاع لاءِ تيار ٿيا، تہ انھن وٽ ڪھڙي طاقت ھئي. ھٿيار، جيڪي جنگ وڙھڻ لاءِ پھريون شرط آھن، ھنن کان ڦُريا ويا ھئا. قلعو ڊاٺو ويو ھو. جنگي سامان، يا ان ۾ ڪم ايندڙ سامان ھنن وٽ ڪونہ ھو، تڏھن بہ ھنن وٽ ھڪ شيءِ ضرور ھئي، اھو ھو جوش ۽ جرئت وارو **اعليٰ** بارود. اھو ھنن وٽ جام ھو. ھي ان بارود وسيلي تيار ٿيڻ لڳا.

” جيڪڏھن ڪا قوم عزت لاءِ مرڻ تي تيار ٿي وڃي، تہ پوءِ پلا دنيا جي اھا ڪھڙي طاقت آھي، جا کيس روڪي سگھندي؟ “ دنيا ۾ آدم جي اولاد لاءِ ڪا وڏي ۾ وڏي تڪليف ڏيندڙ شيءِ آھي، تہ اھا آھي موت. ان کان پوءِ جبر ۽ ظلم جا سڀ ھٿيار بيڪار ٿي وڃن ٿا. تہ پوءِ بس جي ڪا قوم حياتيءَ جي ڪڙاڻ جو اھو ڪوڙو شربت پيئڻ لاءِ تيار ٿي وڃي،

تہ پوءِ ان لاءِ ڪجھ بہ اڻ ٿيٺو نہ آهي، اها سڀ ڪجھ ڪري سگهي ٿي، جيڪو دنيا ۾ انسان لاءِ ممڪن ٿي سگهي ٿو. غم ۽ اوندهہ فقط ان لاءِ ئي آهن، جو مصيبت جي حس سان، جوش ۽ ولولہ جي طاقت پيدا ٿئي ٿي، نہ تہ پي حالت ۾ روئيندي ۽ ”ڳوڙها ڳاڙيندي تہ اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ سپاهيءَ جنگ فتح ڪونہ ڪئي آهي.“ قرطاجيا وارن هاڻي روئڻ ڇڏي ڏنو ۽ شهر جي بچاءَ جون تدبيرون سوچڻ لڳا. هنن جي مندرن جون پٿيون اوچيون ۽ مضبوط هيون ۽ اگهڙ بہ خلاصا هئن. هاڻي هو انهن مندرن کي قلعي وانگر استعمال ڪرڻ لڳا. شهر جون جايون هو پاڻ ئي ڍاهڻ لڳا، تہ جيئن دشمن جي ناپاڪ ۽ پليت هٿن ۽ هٿيارن سان پليت نہ ٿي پون، ۽ انهن مان جيڪو لوهہ، تيل، ٽامو، ڪاٺ هٿ ٿين، ان کي گڏ ڪرڻ لڳا. سڄي شهر جي رهندڙن سڀ شغل ڇڏي ڏنا. مرد، عورتون، ٻڍا، ٻار، سڀ ڏينهن رات ڪم کي لڳي ويا. عمارتن مان نڪتل معدنيات کي ڳاري، ان مان هر قسم جا هٿيار تيار ڪرڻ لڳا. ڪاٺ مان تلوارن جا مُٺيا ۽ نيزن جا دستا ٺاهيائون.“

قوم جي سيني عورتن، پنهنجي مٿي جا ڊگها حسين وار، جيڪي عورت جو حسن پيٽو ڪندڙ آهن، ۽ صنف نازڪ جو قيمتي سرمايو آهن، قوم جي عزت ۽ آزاديءَ خاطر پاڻ ئي ڪتري ڏنا، تہ جيئن انهن جون ڇڳون وٽي، رسا ٺائي منجنيقن ۽ تِيرن جا زهہ ٺائي، دشمن جون ڇاتيون پرڻ ڪيون وڃن.“ هنن ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ ڏينهن رات محنت ڪري سڀ انتظام پورو ڪري ورتو. هاڻي هنن جو ڪوبہ فرد هٿيارن کان سواءِ ڪونہ رهيو هو. سڀ قوم جا فرد هٿياربند ٿي چڪا هئا. رومي اڃا اٽيڪا ۾ هئا، هنن کي جڏهن، جنگي تيارن جي خبر پهتي تہ هو ان تي ڪِلڻ لڳا، ۽ هڪدم يلغار ڪندا روانا ٿيا. هنن جو خيال هو تہ، پهرين حملي وقت جڏهن هنن وٽ بهترين هٿيار هئا، تڏهن بہ مقابلي ڪانسواءِ شهر حوالي ڪيو هئائون، هاڻي هٿيارن ڪانسواءِ هي ڪهڙو مقابلو ڪندا! پر هنن کي اهو معلوم ئي ڪونہ هو،”دلين جي بادشاهيءَ ۾، منٽن ۽ سيڪندن ۾ انقلاب اچي ويندو آهي.“ ۽ اهيئي انقلاب دنيا جي انقلابن سان وابستہ آهن. رومي پنهنجي ڪوڙي وڏائيءَ ۾ اچي رهيا هئا، ۽ جڏهن شهر جي ويجهو پهتا تہ سندن

اڪيون حيرت وچان پٽجي ويون. جڏهن هنن ڏٺو ته قرطاجيا، جنهن ڪي ڪجهه هفتا اڳ بي هٿيار بڻائي ويا هئا، جنن جهڙي گُجهي طاقت ۽ جادوگرن جهڙي قوت سان هو بلڪل بدلجي چڪا آهن. هاڻي قرطاجيا بي هٿيار آبادي نه آهي جيڪا جبر ۽ ظلم سان اڳي ڪئي ويئي هئي، پر هڪ مظبوط، مستحڪم ۽ ناقابل تسخير قلع بند آهي، جنهن جي بُرجن تي جان نثار منجنيقن ۽ تير ڪمانن سان، هر جاءِ موجود آهن. قرطاجيا وارن وٽ ڪا به جنن يا جادوگرن جي طاقت ڪونه هئي، باقي حريت پرستي، ۽ وطن جي آزاديءَ جي جوش وارو مقدس فرشتو ضرور موجود هو. جنهن جي آڏو جنن خواهه جادوگرن جون سڀ طاقتون هيچ آهن. مجبور ٿي رومين گهيرو ڪيو ۽ پنهنجي فوج چؤطرف پکيڙي ڇڏيائون. هو نهايت خوفناڪ هٿيارن سان ليس هئا، پر ان هوندي به هنن جو ڪو به حملو ڪامياب نٿي ٿيو. جنهن به وقت حملو ٿي ڪيائون، زبردست هلاڪت، بربادي ۾ خواريءَ سان پٺتي هٽايا ٿي ويا. ان گهيري ايتري ته اينگهه ڪئي، جو ’پورا ٻه سال‘ گذري ويا، پر قرطاجيا واري قلعي بند قوم جو عزم ۽ ثابت قدمي هڪ اهڙو ته عظيم جبل هئي، جنهن سان پوري رومي طاقت ٽڪرائيندي ٽڪرائيندي پاش پاش ٿي رهي هئي. رومي حڪومت ان گهيري کان عاجز ٿي پيئي هئي. آخرڪار ٽئين سال جي شروعات ۾ فوج جي سپهه سالار کي واپس گهرايو ويو، ۽ ان جي جاءِ تي هڪ قابل تجربيڪار ۽ دوکيباز شخص ”ملاسطيوس“ کي سپهه سالار ڪري موڪليو ويو. هن جي فوجي قابليت سان گڏ فوجي چالبازي به مسلم هئي. ملاسطيوس اچي ڏٺو ته قرطاجيا جي جنگي طاقتن اڳيان، سڄي رومي طاقت بيڪار آهي، جيڪڏهن فقط جنگي ڪاروائن تي ڀروسو ڪيو ويو، ته پوءِ ته سالن جا سال لڳي ويندا. تنهنڪري هن چالبازيءَ کان ڪم وٺڻ شروع ڪيو. هن پهريون اها ڪوشش ڪئي ته، قلعي جي رسد بند ڪئي وڃي، ته جيئن قلعي بند قرطاجيا وارا بکن ۽ فاقن جي خوف کان ڊڄي، پنهنجو پاڻ ئي شهر ڪولي ڏين. قرطاجيا وارن کي خوراڪ جي رسد ٻن طرفن کان ٿي ملي. خشڪيءَ ذريعي به، ۽ ساموندي ذريعي به. ملاسطيوس پهريون خشڪيءَ

واري رستي کان رسد بند ڪرڻ شروع ڪئي. هن پنهنجي سپاهه کي قلعي جي بلڪل ويجهو آڻي بيهاريو، جنهن ڪري اهڙو انتظام ٿي ويو، جو ڪوبہ ڳجهو يا ظاهري رستو نہ رهيو، جنهن وسيلي رسد قلعي اندر موڪلي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن ڪوشش ڪئي بہ ٿي، تہ بہ پڪڙجي ٿي پيو. بهرحال دشمن هاڻي اهڙو بندوبست ڪري ڇڏيو هو، جو ڪابہ رسدقلعي اندر رسي نٿي سگهي. بحري رستي کي بند ڪرڻ لاءِ رومين، هڪ بندرگاهہ تعمير ڪرڻ شروع ڪئي، تہ جيئن بحري طاقت موجود رهي ۽ جن ٻيڙين يا جهازن جي وسيلي رسد اچي، تہ انهن ٻيڙين يا جهازن کي پڪڙيو وڃي يا سمنڊ ۾ ٻوڙيو وڃي. قرطاجيا وارن کي اها خبر گهڻو دير سان ملي. جيڪڏهن کين اها خبر ٿڌي ٿي ملي وڃي ها، تہ رومي ان منصوبي ۾ ڪامياب نہ ٿين ها، ڇاڪاڻ جو قرطاجيا وارن کي هزار سالن جو سامونڊي تجربو هو. قرطاجيا وارن کي خبر تڏهن پئي، جڏهن رومين بندرگاهہ تيار ڪري ورتو. قرطاجيا وارن هاڻي جنگي ٻيڙو بہ موڪليو، پر بي سود! اهي ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهيا ۽ ناڪام واپس ٿيا.

دوستو! غور ڪريو، تہ هڪ بي وس قوم، جا قلعي ۾ بند آهي، جنهن جا وڏا قلعا برباد ڪيا ويا هجن، جنهن جا هٿيار ڦريا ويا هجن، جنهن جي جنگي طاقت کي تباهہ ڪري، پَرَ ڪتيل ڪبوتر وانگر ڪيو ويو هجي، ۽ جنهن جي موجوده طاقت، عمارتن منجهان ڪڍيل لوهہ ۽ عورتن جي ڪتريل وارن منجهان تيار ڪيل تير ڪمانن تي هجي، ۽ هوڏانهن دنيا جي هڪ عظيم طاقتور فوج کي هڪ انچ بہ اڳتي وڌڻ نہ ڏئي، وري وڏيڪ هن قوم کي زيربار ڪرڻ لاءِ هڪ سال پيو بہ لڳائي ۽ رومي فوج جبل ڪاٽي بندرگاهہ تيار ڪري تہ جيئن بحري رسد بند ڪئي وڃي! ڇا ان کان وڌ بہ ڪو قومي عشق ٿي سگهي ٿو؟ " آهہ قوم جا عشق! تون ڪهڙيون تہ سخت قربانيون گهرين ٿو؟"

هاڻي قرطاجيا وارن کي هڪ لاعلاج مصيبت جي سامهون ٿيڻو پيو. جنگ جي سامان جي تہ هو پورائي ڪري سگهيا ٿي، خوراڪ جي فطري ضرورت جو ڪهڙو علاج ڪن؟ رسد جا رستا بلڪل بند ٿي چڪا هئا،

هاڻي هو بلڪل مجبور ٿي پيا. ملاسطيوس جڏهن ڏٺو ته تدبير ڪارگر ثابت ٿي آهي، تڏهن هي پنهنجي آخري تيارين ۾ لڳي ويو. هن هڪ دوڪي واري حرڪت ڪئي. هن سڀ ڪان پهريان حملي جي تياري بندرگاهه ڪان شروع ڪئي، پر هڪ وڏي فوج کي خشڪيءَ رستي حملي ڪرڻ لاءِ تيار ڪري، پنهنجي حڪم جو منتظر رکيو. قرطاجيا وارن جا پنهنجي وطن تان قربان ٿيڻ جا آخري ڏينهن ويجهو اچي ٿيا هئا. هنن رومين جي دوکي کي ڪونه سمجهيو هو. اهوئي يقين هئن ته دشمن بندرگاهه ڪان حملو ڪندو، چاڪاڻ جو دشمن جي تياري اتي ٿي رهي هئي. هنن پنهنجي تباهيءَ جي پاڻ تياري ڪئي، ۽ سموري طاقت سان بندرگاهه ڏانهن وڌيا، ۽ پنهنجا خشڪيءَ وارا مورچا خالي ڪري ڇڏيائون. دشمن کي ته هيڏانهن حملو ڪرڻو ئي ڪونه هو. جڏهن سپهه سالار ڏٺو ته قرطاجيا وارا پوري طرح سان بندرگاهه ڏانهن توجهه ڏئي آهن، تڏهن هن خشڪيءَ واري لشڪر فوج کي، اتر طرف ڪان حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. رومي سپهه سالار جي اها تدبير ڪارگر ثابت ٿي. رومي لشڪر بغير ڪنهن نقصان جي شهر پناهه وٽ پهچي ويو. هتي سندن مقابلي ڪرڻ لاءِ ڪوبه ڪونه هو. هنن ڳرن گرزن ۽ مترڪن سان دروازا ڀڳا ۽ اطمينان سان شهر ۾ داخل ٿيا. شهر وارن جون اکيون ان وقت کليون، جڏهن خونخوار درندن جا ٽولا، گهٽين ۾ پکڙجي چڪا هئا. تير ڪمان مان نڪري چڪو هو، تڏهن به وطن جي الفت جي باهه، جا ٽن سالن کان منجهن ٻري رهي هئي، سا ڪٿان ٿي جلد وسامي. جيتوڻيڪ جو ڳالهين ۽ تدبير جو وقت گذري چڪو هو، ۽ آخري گهڙيون اچي چڪيون هيون، ته به " قوم بي عزتيءَ جي ياچ ڪان عزت جي موت لاءِ تيار ٿي ويئي. " قرطاجيا وارن پاڻ کي وچ شهر ۾ گڏ ڪيو، ۽ مرتسيءَ سان وڙهن شروع ڪري ڏنائون. " عورتون گهرن جي ڇتين مٿان چڙهي تير وسائڻ لڳيون، ۽ ٻار درن ۽ درين مان پٿر وسائڻ لڳا. " زبردست جنگ لڳي جا ڪافي وقت هلي. خون جو درياهه وهڻ لڳو، جنهن ۾ شهيدن جا لاش ترندا ٿي نظر آيا. قومءِ وطن جي عاشقن جيڪي ساندهه ٽي سال مصيبتون سٺيون هيون، سر تريءَ تي رکي اڳتي وڌيا، ۽ خونخوار درندن جو

مقابلو تلوارن ۽ تيرن سان ڪرڻ لڳا، اهڙي طرح جو ڄڻ سندن مطلوب معشوق ئي اهو آهي. هيءَ هڪ سفاڪي ۽ بربريت جي لعنت هئي، جا رومين جي بي امان هٿيارن مان نڪري، قرطاجيا جي گهٽين ۾ پکڙجي ويئي هئي. قرطاجيا وارن جو ڪجهه بہ ڪيو، اهو سندن جوش ايماني هو، پي حالت ۾ هو هاٿي نہ تہ مقابلو ڪري ٿي سگهيا، نہ وري ڪا ڪاميابيءَ جي صورت ٿي نظر آين. آخر اهو ڪجهه ٿيو، جيڪو ظالم ۽ مظلوم، فاتح ۽ مفتوح جي وچ ۾ ٿيندو آهي.

رومين پنهنجي ٽن سالن جي خوني اڃ، هن تازي خون جي درياهہ مان اجهائڻ شروع ڪئي. پوءِ نہ تہ عورتن کي پناهہ هئي نہ وري پوڙهن ۽ معصوم بي زبان ٻارن کي. زخمين جي دانهن، ٻارن جي روڄ راڙي ۽ عورتن جي آه زاريءَ سان آسمان ٿي ڏريو. دراصل اهو آخري وقت هو جيڪو قرطاجيا وارن تي گذري ويو. اهو معلوم ڪونهي تہ ڪيترين بدقسمت قومن تي اهڙيون گهڙيون گذريون آهن. رومي سپهہ سالار لاشن جي انبارن مٿان لنگهندي، هڪ قلعي وٽ آيو ۽ فوج کي حڪم ڏنائين تہ اگهاڙيون تلوارون ڪٽي هن کي گهيرو ڪيو. ان سڄي عرصي ۾ تلوارون بي نيام رهيون، قتل عام جاري رهيو. جڏهن هنن جو انتقام مڪمل ٿيو، تڏهن قلعي کي باهہ ڏني ويئي. توري ئي وقت ۾ باهہ جا شعلا پڙڪي اٿيا. هاٿي تہ قرطاجيا وارن لاءِ اندر باهہ، ٻاهر باهہ کان بہ وڌيڪ خوفناڪ دشمن جون تلوارون هيون. ڇهہ ڏينهن برابر شهر جلندو رهيو. خبر ناهي تہ ڪيترا وطن جاعاشق هنن شعلن جي نظر ٿيا. پر شهر تمام وڏو هيو، ۽ اجا بہ هڪ حصو رهيل هو، جتي اجان بہ ڪجهه انسان شعلن جي انتظار ۾ سڪي رهيا هئا.

ڪابہ قوم ملت پرستيءَ جي جوش ۾ خواه ڪيترو بہ **اعليٰ** ۽ ارفع هجي، پر تورات مقدس ۾ چيو ويو آهي تہ، " باغ عدن ۾ آدم سان گڏ نانگ بہ هو. ان مان ثابت ٿيو تہ ڪابہ قوم، قوم دشمن شخص کان ڪڏهن بہ خالي ڪونہ هوندي آهي، ۽ ان جي سچ واري پلاند ۾ ڪونہ ڪو نانگ بہ ضرور هوندو اهي."

هڪ بلند ٽڪريءَ تي قرطاجيا وارن جي هڪ هڪ ديوتا جو ” الڪوبوس “ نالي مندر هو، جنهن کي چؤطرف وڏيون ۽ مظبوط ديوارون ڏنل هيون. ان ۾ اٽڪل ٩٠٠ قوم پرست، هيسٽروبال نالي هڪ آفيسر جي ماتحتيءَ ۾ پناهه ورتل هئا، ۽ ڪجهه عورتون ۽ ٻار به هئا. رومي انهن کي مغلوب ڪرڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿيا هئا. رسد بند ٿيڻ سبب جڏهن بک ۽ اڃ جي تڪليف ڏاڍي وڌي، تڏهن اهو ئي آفيسر هيسٽروبال، پنهنجي قوم سان غداري ۽ بي وفائي ڪري، لڪ چوريءَ نڪري، اچي رومين وٽ پيش پيو. رومي سپهه سالار ان خيانت جي بدلي ۾ ڪيس پيرن وٽ جاءِ ڏني. جڏهن هو اتي وڃي ويٺو، ته مندر جي ڇت مٿان، قرطاجيا وارن ڪيس ڏسي ورتو، ۽ ڪاوڙ مان مٿس لعنت وجهڻ لڳا. جيتوڻيڪ جو هو پاڻ بکن ۾ پاهه ٿي رهيا هئا، ۽ سندن آفيسر هيسٽروبال، کين بکن کان بچڻ ۽ پيش پوڻ جو رستو ڏيکاريو هو، تڏهن به هنن جي پاڪ ۽ نيڪ نفس اهو پسند نه ڪيو ته، ته پيٽ خاطر پيش پون. هو دانهون ڪري چوڻ لڳا ته، ” اي هيسٽروبال، ڪمينا، بي ايمان، قوم جا خائن توتي لعنت هجي. تنهنجي بزدلي ۽ نامرديءَ عظيم قرطاجيا جي قوم جي دامن تي داغ لڳائي ڇڏيو.“

رسد جو اچڻ هڪ عرصي کان بند هو. رهيل کهيل ڪاڌي جا ڀنڊار به خالي ٿي چڪا هئا. هاڻي رات ڏينهن مسلسل فاقا سندن قسمت ۾ هئا. ڪجهه ڏينهن ته هنن ائين بسر ڪيا. هو مندر جي ڇتين کان ٻاهر جي دنيا کي ڏسندا هئا ۽ دنيا جون سڀ نعمتون کين نظر اينديون هيون. هو رومين جي سامهون ڪيئي لذيذ طعام ڏسندا هئا، ۽ هيسٽروبال کي به سڃاڻڻ ۾ هو غلطي ڪونه ڪندا هئا، جو ان کي به رومي انهن لذيذ طعامن ۾ شامل ڪندا هئا. ٻاهر فقط چئن وکن تي ته اهو سڀ ڪجهه موجود هو، پر هنن بدقسمتن لاءِ ته هن دنيا ۾ سڪل مانيءَ پور، سمنڊ جو کارو پاڻي به قومپرستيءَ جي ڏوهه سبب بند هو. آه! اي ملت ۽ وطن پرستيءَ جا بت، اي حريت ۽ آزاديءَ جا صنم، تنهنجي پرستش ۽ محبت جي ڏوهه ۾ تنهنجي پرستارن کي، ڪهڙين ڪهڙين آزمائشن مان لنگهڻو پوي ٿو، ۽ ڪهڙا نه حوصلي ٽوڙڻ جهڙا عذاب سهڻا پون ٿا! پر تو ۾ ڪهڙي اها عقل ربا ۽

حسين ڪشش آهي، جنهن جي چقمقي طاقت تي، نظامِ ڪائنات جي ڪابه شيءِ غالب تتي اچي سگهي.

هنن وطن ۽ قومپرستن لاءِ به عيش جا دروازا کليل هئا ۽ هڪ منٽ اندر سندن حالت بدلجي تي سگهي. قوم فروش هيسٽروبال به ڪين ٻڌائي ڇڏيو هو ته، جنهن ڪي به قوم جي عزت ڪان وڌ پنهنجو پيٽ پيارو هجي ان ڪي چا ڪرڻ گهرجي. رومي به تيار هئا، ته جي هو پنهنجو پاڻ پيش پون، ۽ غلاميءَ جي زنجير پنهنجي ڳلي ۾ وجهن، ته ڪين امان ڏني وڃي. پر هنن جي غيرت اهو گوارا نه ڪيو ته جنهن محبوب قوم جي عشق ۾، سچا تي سال پنهنجي وفاداريءَ جو عهد نه ٽوڙيو اٿئون، هاڻي حياتيءَ جي آخري وقت ۾ جڏهن پيارو وطن ۽ قوم باهه جي شعلن جي نظر تي چڪي آهي، ڪا بيوفائي نه ڪجي!! بهرحال هن ڪان اڳي جو دشمن جي پليت هٿن سان، مندر کي باهه لڳائي وڃي، هنن خود پنهنجي هٿن سان هن کي باهه لڳائي ڇڏي. جڏهن باهه چڱي طرح مندر کي وڪوڙي ويئي، ۽ شعلا بلند ٿيا، " تڏهن قرطاجيا قوم جون عورتون، پيدا ۽ پار سب گڏ ٿيا ۽ پنهنجا قومي نعرا هٽندا، باهه ۾ ٽپندا ويا. جيڪڏهن عيش ۽ عشرتون غلاميءَ ۾ حاصل ٿين ها، چا انهن ڪان هي حيات سوز شعلا بهتر نه هئا؟ " جنهن جي اندر محبوب قوم جا جسم ۽ عزيز وطن جي سڙيل عمارتن جي خاڪ مليل هئي، هو اهڙي ته ديوانگيءَ سان باهه ۾ ٽپي رهيا هئا، جو چڻ ته ڪنهن وچڙيل معشوق جي وصل لاءِ سندس خواب گاهه ڏانهن وڃي رهيا آهن. " موت هڪ درياهه جي پل مثل آهي، جيڪو دوست کي دوست سان ملائي ٿو. " مڙس پنهنجي زالن کي پهريون سڙندو ڏسي رهيا هئا، ته جيئن غيرن جو تسلط هنن جي ناموس کي داغ نه لڳائي. مائرون پنهنجي معصوم ٻارن کي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي باهه ۾ ٽپي رهيون هيون ته جيئن سندن نسل غيرن جي غلاميءَ لاءِ باقي نه رهي. پيئر پنهنجي پٽن کي پاڪر ۾ وجهي شعلن ۾ ٽپي پيا، ته جيئن غيرن جي غلاميءَ جو داغ سندن پٽن جي پيشانيءَ تي نه لڳي. هو سڙي رهيا هئا ۽ سندن سڙيل جسمن جي دونهين مان آواز اچي رهيو هو ته، " باهه ۾ سڙڻ منظور آهي، پر قومي ذلت منظور نه

آهي“ قومي عشق ۽ آزاديءَ جو هيءُ هڪ وڏي ۾ وڏو مثال هو، جيڪو قرطاجيا وارن دنيا کي ڏيکاريو. هنن پنهنجيون جانيون ضرور قربان ڪيون، پر پنهنجي ان جان فروشيءَ جي مثال سان ڪيترن ملڪن، قومن کي حياتي بخشي آهي. اهڙي طرح، جي ٻه ماڻهو مرن ٿا، مُردن کي حياتي بخشين ٿا. ” جيڪڏهن توهان فقط پنهنجي لاءِ ٿو جئين، ته پوءِ قوم لاءِ توهان هڪ مرده لاش آهين، پر جي توهان قوم لاءِ مري وڃين، ته پوءِ نه فقط توهان زنده آهين، پر هزارن لکن کي زندگي بخشڻ وارو آهين.“

قرطاجيا وارن باهه ۾ ٽپي جانيون ڏنيون، پر جي اسلام هجي ها ته باهه جي شعلن ۾ ٽپڻ بجاءِ، ترارون کڻڻ لاءِ چوي ها، ۽ آخري مايوسيءَ جي حالت ۾ ٻه، اهو پسند نه ڪري ها، ته سندن فرزندن جو حياتيون ايئن رائگان وڃن. ” اهي ٩٠٠ قوپرست ڪفن ٻڌي، گهٽ ۾ گهٽ ٩٠٠ رومي سپاهي، ضرور جهنم حوالي ڪن ها.“ پر افسوس! جو انهن ۾ اهو جذبو اڃا نه آيو هو، پر تڏهن ٻه، جنهن جان نثاري، ۽ قوم پرستيءَ جي جذبي سان هنن پنهنجيون جانيون نڇاور ڪيون، ان جي احترام جي حفاظت جي دنيا جون تاريخون ڪنديون رهنديون. باهه جي شعلن هنن جي جسمن کي ڪجهه ڪلاڪن ۾ ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو هوندو، پر هنن جي قوم پرستي ۽ آزاديءَ جي مثال، دنيا جي تاريخ تي پنهنجي ياد نقش ڪري ڇڏي آهي. ايندڙ نسلن ۽ غلام قومن لاءِ هڪ عظيم مثال ڇڏيو اٿن، ” هنن جي اها سرگذشت مٿي ڪان پيرن تائين آزادي ۽ عظمت جو آواز آهي، جيڪو قومن کي ٻڌائي ٿو ته، پنهنجي قوم پرستي ۽ آزاديءَ جو قدر سڃاڻڻ ۽ ان جي محبوبيت ۽ معشوقيت جو اندازو ڪن.“ قرطاجيا جي تاريخ انهن قومن لاءِ هڪ عمل جي شاهراه جو افتتاح ڪري ٿي، جن پنهنجو پاڻ کي غفلت جي لعنت ۾ گرفتار ڪري، غيرن جي غلامي ۽ محڪوميءَ جو جو ڳٽ پنهنجي ڳچيءَ ۾ وڌو آهي. قرطاجيا وارن هميشه لاءِ جڻ اهو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي، ته قومن جي حياتي ۽ استقلال، رڳو جنگي طاقت جي گهڻائي ۽ هٿيارن تي موقوف نه آهي، پر دلين جي محڪم جوش ۽ ولولي، مصيبت جي سچي احساس، قومي جدوجهد ۽ سڀ ڪان وڏيڪ پاڻ ۾ نزاع ۽ جهيڙن

ڪان پاسو ڪري، اتحاد ۽ اتفاق جي زنجيرن ۾ ٻڌجي، يڪ دلي ۽ يڪ جان ٿي وڃڻ ۾ آهي. پوءِ نه فوج جي ضرورت رهي ٿي، نه ڪنهن جنگي سامان جي، نه هٿيارن ڦرجي وڃڻ سان نقصان ٿئي ٿو. نه وري ڪنهن قلعي يا مورچي جي ڍهڻ سان طاقت ڪسجي سگهي ٿي.

قرطاجيا وارن جو مقابلو هڪ نهايت متمدن ۽ طاقتور قوم سان هو. دشمن شهر تي قابض ٿي چڪو هو، دشمن تعداد ۾ به بيشمار هو، هٿيار ڦريا ويا هئا، ڏٺو اوهان ته جڏهن انتها درجي جي مايوسي ڇانئجي ويئي، هر طرف اميدن جا دروازا بند ٿي ويا، قرطاجيا جي هر فرد کي ايندڙ وقت جو احساس ٿي ويو. تنهن هوندي به وري هنن جي دلين ۾ طاقت ۽ نئون روح پرجي ويو، ۽ منٽن جي اندر هنن تان دشمن جي گهٽائيءَ جو ڊپ ئي لهي ويو، هي وري تيار ٿيا ۽ سيني جون دليون قومي ۽ وطني جذبي سان سرشار ٿي ويون، حفاظت لاءِ تيار ٿي ويا. جي هٿيار نه هئا، ته جاين مان ڪڏيل ڏاتن مان هٿيار تيار ڪيائون، تيرن جي ڪمانن جا زهه نه هئا، ته اهي زالن جي وارن مان تيار ڪيائون، ۽ سڀ ڪجهه تيار ڪري ورتائون. جا قوم قربانيءَ لاءِ تيار ٿي وڃي، ته پوءِ ڪٿي اها ڪهڙي به بي دست و پا هجي، يا بي سرو سامان هجي، ته به اها اهڙي طاقت آهي، جا سڀڪجهه ڪري سگهي ٿي، ۽ نا ممڪن کي ممڪن ڪري سگهي ٿي، ۽ اهڙي قوم تي ڪابه ڌارين طاقت غالب پئجي نٿي سگهي.

جنهن وقت اهوسڀ ڪجهه ٿي رهيو هو، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، قوم فروش هيستروبال رومي لشڪر جي وچ ۾ ويهي ڏسي رهيو هو ته سندس بيحد حسين زال، جنهن جو حسن قرطاجيا وارن ۾ مثالي هو، مندر ۾ پنهنجي قوم سان گڏ هئي. هن سان گڏ ٻه ننڍڙا ٻار به هنج ۾ هئا. هيستروبال کي پنهنجي زال سان عشق هو. جڏهن هن قوم سان غداري ڪري، ڳجهي طرح ٻاهر نڪري وڃڻ جو ارادو ڪيو هو، تڏهن چاهيائين ٿي ته پنهنجي زال ۽ ٻار به پاڻ سان وٺي وڃي. جڏهن هن پنهنجو اهو ارادو پنهنجي زال کي به ڏيکاريو ۽ هر طرح جون اوپاريون لهواريون ترتيبون به سمجهائڻ لڳو، تڏهن هن قوم جِي وفادار، فداڪار، وطن ۽ عزت جي پيڪر

مجسم عورت، هن جي صلاح ڪي نهايت نفرت ۽ حقرت سان ٺڪرائي ڇڏيو ۽ ڏاڍي غيظ ۽ غضب سان هن ڪي بي عزتو ڪيائين. ان تي هيستروبال ڊڄي ويو ۽ خوف ٿيس ته متان قوم ڪي سندس ان لِڪل ارادي کان واقف نه ڪري وجهي ۽ پنهنجي جان بچائي نه وڃي سگهي، تنهنڪري راتورات قوم سان دغا ڪري نڪري آيو. افسوس جو هن قوم فروش ڪي ان تي ذرو به شرم نه آيو. نفس جي محبت ۽ پيٽ جي عشق ڪيس مغلوب ڪري ڇڏيو ۽ قوم سان غداري ڪندي ذرو به شرم نه آيس. جڏهن هي پڄي آيو، تڏهن سمجهڻ لڳو ته ، هنجي ان مثال ۽ ڪاڏي جي ڪوٺ، هنجي قوم ڪي به اطاعت ۽ غلاميءَ لاءِ مجبور ڪري وجهندي ۽ هنجي زال به ڪجهه ڏينهن بعد هلي ايندي. پر هن جي پليت نفس ڪيس دوکو ڏنو. هن پنهنجي قوم جي نفس ڪي به پنهنجي پليت نفس جهڙو سمجهيو. جڏهن سندس زال مندر جي ڇت تان ڪيس رومي سردار سان ڏٺو، تڏهن ڏاڍي ڪاوڙ مان مٿس لعنتون وجهڻ لڳي. جڏهن خاتمي جو آخري ڏينهن ٿيو ۽ ديوارن مان باهه جا شعلا بلند ٿيا، تڏهن شريف عورت پنهنجي قوم ڪي چيو، ” مون ڪي ڪجهه گهڙين جي حياتي گهربل آهي، پنهنجي لاءِ نه، ۽ نه وري پنهنجي معصوم ٻارن لاءِ، پر هنن جي ڪارمهين پيءُ جي لاءِ، جنهن تي هن ڪان اڳ جو مقدس ديوتا مٿس غضب نازل ڪري ۽ آخرت جي عذاب ۾ گرفتار ڪري. منهنجي مرضي آهي ته مان به ڪيس ڪجهه سزا ڏيان! هو اڄ ڏينهن تائين منهنجي عشق ۾ ثابت قدم رهيو آهي، پر ڪاش! مون سان بيوفائي ڪري ها، پر قوم سان بيوفائي نه ڪري ها. “ ان بعد هوءَ ديوار جي پرسان اچي بيٺي، اوستائين جو باهه جا شعلا سندس ويجهو اچي ويا. اها جاءِ رومي فوج جي بلڪل ويجهو هئي. هن پنهنجا پيئي پار ڪڇ ۾ ڪيا ۽ هيستروبال جي سامهون اچي بيٺي. هن جو ڊگهو قد اثبات ۽ استقلال جو چڻ ته لوهي ٿنڀ هو. هن جي حسين اکين مان غيظ ۽ غضب جون چڻنگون نڪري رهيون هيون. پر عزت، استقامت ۽ جبروت جي معنوي حسن هن جي اندر فرشتن جي هيبت پيدا ڪري ڇڏي هئي. هن پهريون رومي لشڪر ۽ سامان ڏانهن حقارت ۽ نفرت مان نظر وڌي، پوءِ رومي لشڪر جي سپه

سالار کي چوڻ لڳي، ” اي ظالم روميو! توهان خوش آهيو ته اوهان اسان جي بربادي پنهنجي اکين سان ڏٺي، پر اهو اصل نه وسارجو ته هن دنيا ۾ اهڙيون ظلم واريون خوشيون هميشه عارضي هونديون آهن. ان وقت کي پري نه سمجهو، جڏهن اوهان جي هلاڪت ۽ بربادي جو وقت به ايندو. اسان برابر ان وقت اهو ڏسڻ لاءِ هن دنيا ۾ ڪونه هونداسين، پر اسانجي سڙيل خاڪ ۽ اسانجي پاڪ وطن جي سڙيل پٿين جا ذرا ذرا ضرور موجود هوندا. “ پوءِ پنهنجي مڙس ڏانهن منهن ڪري کيس ڏٺائين. سندس معصوم پار ايندڙ وقت کان بي خبر، سندس سيني سان چهٽيل هئا. آخر ڪجهه گهڙين جي صبر کانپوءِ کيس چوڻ لڳي، ” اي هيسٽروبال، اي قوم فروش، اي شقي قلب ڪارمنهان! تو جنهن اشراف قوم، وطن ۽ مقدس ديوتائن سان، بيوفائي ڪئي، ياد رک! قرطاجيا جي سڙيل پٿين جو ذرو ذرو، توتي لعنت وجهندو رهندو. قيامت تائين تنهنجي ناپاڪ روح تي، دنيا جي سيني انسانن جي ڦٽڪار هوندي. تو پنهنجي قوم کي بُکن ۽ موت ۾ ڇڏي، غيرن جي غلامي ڪئي. تو پنهنجي ان قوم کي ڇڏي ڏنو، جنهن پنهنجا سر تنهنجي پيرن ۾ رکي ڇڏيا، ۽ تو پنهنجو متو ظالم رومين جي پيرن تي رکي پنهنجو جوتڪارو ڳولي لڌو. تون پنهنجي قوم کي ڇڏي آئين ته پلي بُکن ۾ هلاڪ ٿئي ۽ تون پاڻ هڪ مانيءَ جي پور ۽ پاٽيءَ جي ڏُڪ لاءِ دشمن جون نوڪرون ڪاڻ لاءِ هليو آئين. توکي مقدس ديوتائن جو قسم، سچ ٻڌاءِ، قوم سان بيوفائي ۽ وطن جي محبت وڪڻي ڇا هٿ حاصل ٿيو؟ هن فاني دنيا جون چند گهڙيون! جي ممڪن آهي ته هاڻي ختم ٿي وڃن. تو مانيءَ جو هڪ پور ۽ پاٽيءَ جا ڪجهه ڦڙا، نوسؤ قوم جي مجاهدن جي بک ۽ اڃ کي وساري ڪيئن پنهنجي نڙيءَ کان هيٺ لاٿا؟ يا وري ٻڌاءِ ته هن رومي سپهه سالار توسان ڪنهن دنوي عزت ۽ ڪامرانيءَ جو ڪو واعدو ڪيو آهي؟ پر اي ڪارمنهان! اي قوم فروش! مون کي اهو ته ٻڌاءِ ته جڏهن تنهنجي قوم جو هڪ فرد به دنيا ۾ نه رهيو، تنهنجو وطن باهه جو پارڻ ٿي ويو، قرطاجيا جي هزار سالہ نسل ئي ختم ٿي ويئي، ته پوءِ دنيا ۾ تنهنجي لاءِ ڪهڙي شيءِ آهي، جا تنهنجي خوشيءَ جو سبب ٿي سگهي ٿي؟ ڇا اهو ظالم رومي سپهه

سالار تنهنجي مٿي تي، رومي حڪومت جو تاج رکندو؟ پر فرض ڪجي ته جيڪڏهن رکندو ته به تنهنجي قوم جي مٿجي وڃڻ بعد، پوءِ توکي اهو ڪهڙي خوشي ڏيئي سگهندو؟ هزار لعنت آهي توتي اي هيسٽروبال، جو تنهنجي حياتي، تنهنجي قوم جي ڪم نه آئي، ۽ هزار لعنت هجي اهڙي حياتيءَ تي، جا تنهنجي نقش قدم تي هلي، پنهنجي قوم سان غداري ڪري ۽ وطن سان بيوفائي ڪري. “ غيض ۽ غضب کان هن پاڪباز عورت جو بت ڏڪڻ لڳو. جڏهن پنهنجي قوم ۽ وطن جي بربادي ياد آيس تڏهن غم جي شدت کان سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا، ۽ سندس آواز بند ٿي ويو. ڪجهه وقت چپ رهڻ بعد هن وري پنهنجي بدبخت مڙس ڏانهن ڏٺو. پوءِ ڳوڙهن ڀريل اکين سان پنهنجي ٻچن ڏانهن نهاريائين، جيڪي هر ڳالهه کان بي خبر ڪيترن ڏينهن جي فاقي سبب سُڪي ويا هئا، سندن منهن تي ڳهنج اچي ويا هئا. هوءَ وري آهني استقلال سان وَڌي ۽ پنهنجا ٻچا ڪڇ تان لاهي سامهون ڪري بيهاريائين. ڪمزور عورت هجڻ جي باوجود به فاتح شهنشاهن وانگر گجندڙ آواز ۾ وري چوڻ لڳي، ” تنهنجي سزا جو وقت پري ڪونهي، جڏهن قرطاجنا جو مقدس ديوتا توکي پنهنجي عدالت ۾ بيهاريندو، پر هن وقت به توکي هڪ عظيم عذاب سامهون آهي. ڀلا اهو ته ٻڌاءِ ته جڏهن تون مونکي ۽ پنهنجن انهن ٻنهي ٻچن کي جلندو سڙندو ۽ موت جي تڪليف کان تڙپندو ڏسندين، تنهنجي لاءِ پوءِ ڪهڙو عذر هوندو ۽ ڪير آهي، جيڪو توکي هن ڀوائتي نظاري کان بچائي سگهندو؟ ڇا اهو رومي آقا، جنهن جي پيرن ۾ تون نوڪرون ڪائڻ کي فخر سمجهين ٿو؟ پر ياد رک، اهو توکي ماني ته ڏيئي سگهي ٿو، پر هن عذاب کان بچائي نٿو سگهي! “

رومي فوج جا هزارين فوجي ۽ آفيسر اهڙا ته خاموشي ۽ سڪت ۾ اچي ويا، ڄڻ ته پٿر دلين وانگر، سندن بت به پٿر بڻجي ويا آهن. هيسٽروبال جون اکيون پٿرائجي ويون، سندس ڪنن ۾ سمنڊ جهڙين هيبتناڪ هوائن جهڙا سوسات، خوفناڪ درندن جهڙيون دانهون گونجي رهيون هيون. هو پنهنجي زال کي، جنهن جو حُسن هن وقت خدائي عذاب کان گهٽ نه هو، ڏسي رهيو هو. سمجهه ۾ نٿي آيس ته هي ڇا آهي؟ هن جي زال هڪ دفعو وري

پنهنجي پياري وطن قرطاجيا جي سڙيل کنڊرن ڏانهن ڏٺو. ۽ پوءِ پنهنجي قوم ۽ ملڪ جي ياد ۾ ڪجهه ڳوڙها وهائي، پنهنجي ٻنهي معصوم ٻچن کي ٻاهه ۾ اڇلايو ۽ پاڻ به ٻاهه جي ٻرندڙ شعلن ۾ گم ٿي ويئي.

”هوندا سي حيات، مرندا جيڪي متيءَ لاءِ“